

# قارون جي
# هلاڪت
# جو سبب

18-May-2017

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# قارون جي هلاڪت جو سبب

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ دلنشين آهي: مَنْ قَرَأَ الْقُرْآنَ وَحَمِدَ الرَّبَّ يعني جنهن قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪئي ۽ رَبّ عَزَّوَجَلَّ جي حمد بيان ڪئي، وَصَلّٰى عَلَى النَّبِيِّ وَاسْتَغْفَرَ رَبَّهٗ ۽ پوءِ نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي دُرُود شريف پڙهي پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ کان بخشش گهري، فَقَدْ طَلَبَ الْخَيْرَ مَكَانَهٗ، تہ يقيناً ان ڀلائي کي پنهنجي جڳهہ تان ڳولهي ورتو. (تفسير درمنثورج :٨ص :٦٩٨بيروت)

اُن پر دُرود جن کو کَس بے کَساں کہیں   اُن پر سَلام جن کو خَبَر بے خَبَر کی ہے

(حدائقِ بخشش،ص٢٠٩)

# قارون جي هلاڪت جو سبب

**شعر جي مختصر وضاحت:**
اسان جي آقا و مولي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي الله عَزَّوَجَلَّ جون ڪروڙين رحمتون نازل ٿين جيڪي بي سهارن جا سهارا آهن ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي لکين سلام هجن جيڪي بي خبر جي خبر رکن ٿا.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.
(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! أُذكُرُالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

# قارون جي هلاڪت جو سبب

## قارون جو انجام

قارون بيحد سهڻو هو، هو بني اسرائيل ۾ ”توراة“ جو وڏو عالم ۽ بي انتها ملنسار ۽ با اخلاق انسان هو، پر بي شمار دولت ايندي ئي هڪدم بدلجي ويو ۽ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو وڏو دشمن ۽ مغرور ٿي ويو ۽ جڏهن زڪوٰة جو حڪم نازل ٿيو تہ ان حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي روبرو اهو عهد ڪيو تہ هو پنهنجي تمام مال مان هزارئون حصو زڪوٰة ڪيوندو پر جڏهن هن مال جو حساب لڳايو تہ هڪ وڏي رقم بڻجي، اهو ڏسي هن تي هڪدم حِرص ۽ بُخل جو ڀوت سوار ٿيو ۽ نہ رڳو زڪوٰة جو منڪر ٿيو بلڪ بني اسرائيل وارن کي ورغلائڻ لڳو تہ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام هن بهاني سان توهان جو مال وٺڻ چاهن ٿا، ايستائين جو حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام سان ماڻهن نفرت ڏيارڻ لاءِ هن خبيث گندي ۽ بري چال هلي تہ هڪ عورت کي گهڻو مال و دولت ڏئي راضي ڪيو تہ اوهان تي بدڪاري جو الزام(Blame) لڳائي، عين ان وقت جڏهن حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام بيان ڪري رهيا هئا قارون اوهان کي ٽوڪيو تہ فلاڻي عورت سان پاڻ بدڪاري ڪئي آهي (معاذ الله عَزَّوَجَلَّ) حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو تہ هن عورت کي منهنجي سامهون آڻيو، پوءِ اها عورت گهرائي وئي تہ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو: اي عورت! ان الله جو قسم! جنهن بني اسرائيل جي لاءِ درياء چيري ڇڏيو، عافيت ۽ سلامتي سان درياءُ پار ڪرائي فرعون کان نجات ڏني، سچ سچ ٻڌاءِ تہ واقعو ڇا آهي؟

حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي جلال سبب عورت ڏڪڻ لڳي هن وڏي ميڙ ۾ صاف صاف چيو تہ اي الله عَزَّوَجَلَّ جا نبي! مون کي قارون گهڻي دولت ڏئي

## قارون جي هلاڪت جو سبب

اوهان تي بهتان لڳائڻ جي لاءِ راضي ڪيو هو، هن وقت حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا ۽ سجده شڪر ادا ڪيو ۽ اها دعا گهري: ياالله عَزَّوَجَلَّ! قارون تي پنهنجو قهر ۽ غضب نازل فرماءِ پوءِ ماڻهن کي فرمايائون ته جيڪو قارون جو ساٿي آهي اهو قارون سان گڏ بيٺو رهي ۽ جيڪو منهنجو ساٿي آهي اهو قارون کان جدا ٿي وڃي، پوءِ ٻن ماڻهن کان سواءِ سيئي بني اسرائيل وارا قارون کان جدا ٿي ويا. پوءِ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام زمين کي حڪم ڏنو ته اي زمين! تون هن کي پڪڙي وٺ ته هڪدم قارون گوڏن تائين زمين ۾ ڌنجي ويو پيهر اوهان زمين کي ساڳيا لفظ چيا ته اهو چيلهه تائين ڌنجي ويو اهو ڏسي قارون روئڻ ٻاڏائڻ لڳو ۽ مائٽي ۽ قرابت جو واسطو ڏيڻ لڳو پر اوهان ڪو ڌيان نه ڏنو، ايستائين جو هو بلڪل زمين ۾ ڌنجي ويو، ۽ ٻه ماڻهو جيڪي قارون جا ساٿي ٿيا، ماڻهن کي چوڻ لڳا ته حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام قارون کي انهيءَ ڪري زمين ۾ وڌو ته جيئن قارون جو گهر ۽ ان جي خزاني ته پاڻ قبضو ڪري، ته پاڻ الله تعاليٰ کان دعا گهري ته قارون جو گهر ۽ خزانو ٻه زمين ۾ هليو وڃي پوءِ قارون جو گهر جيڪو سون جو هو ۽ ان جو سمورو خزانو زمين ۾ هليو ويو. (تفسير صاوي،پ٢٠، القصص،تحت الآية:٨١، ١٥٤٦/٤ملخصًا )

جہاں میں ہیں عبرت کے ہر سُو نمونے — مگر تجھ کو اندھا کیا رنگ و بُو نے
کبھی غور سے بھی یہ دیکھا ہے تُو نے — جو آباد تھے وہ محل اب ہیں سُونے
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے — یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته دنيوي خوشحالي(Prosperity)، مال و

# قارون جي هلاڪت جو سبب

دولت ۽ سهولتن جي گهٽائي الله عَزَّوَجَلَّ جي راضپي جي نشاني ناهي، جيڪڏهن ائين هجي ها ته الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ قارون جو تمام وڏو رتبو هجي ها، اهو به معلوم ٿيو ته مال و دولت جي حرص ۾ مبُتلا ٿي انسان پنهنجي آخرت برباد ڪندو آهي ۽ رب عَزَّوَجَلَّ جو ناراضپو حاصل ڪندو آهي آخرڪار عذابِ الٰهي جي ڪري دنيا ۾ ماڻهن جي لاءِ عبرت جو نمونو بڻجي ويندو آهي. ياد رکو! مال و دولت الله عَزَّوَجَلَّ جي هڪ نعمت آهي پر ان نعمت جو صحيح استعمال الله عَزَّوَجَلَّ جي راضپي وارن ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ ۽ ان جي زڪوٰة ادا ڪرڻ آهي، ان سان گڏوگڏ حقيقي دولت (تقويٰ، پرهيز گاري، خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي خيرات هر وقت گهرڻ گهرجي، چوته دولت ۽ حڪومت جو هجڻ فضيلت جو سبب ناهي، فرعون، نمرود ۽ قارون به ته دولت ۽ حڪومت وارا هئا پر انهن جي مال انهن کي ابدي لعنت جو حقدار بڻايو.

بلڪ فضيلت ته هن ۾ آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ اسان سان راضي ٿئي، تقويٰ ۽ پرهيز گاري ملي وڃي ۽ جيڪڏهن دولت ملي ته اهڙي جيڪا حضرت سَيِدُنا عثمانِ غني ۽ حضرت سَيِدُنا عبدالرحمن بن عوف ۽ ٻين صحابه ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضوَان وٽ هئي، اهي نيڪ ٻانها ان مال جو حق ادا ڪندا يعني زڪوٰة ڏيندا هئا ۽ زڪوٰة جي علاوه به اسلام جي ناليءِ تي خوب صدقو ۽ خيرات ڪندا هئا. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي مال جي مَحبَّت جي سبب ان جي وبال کان بچائي ۽ هر سال ان جي زڪوٰة ادا ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ڇاڪاڻ ته مال جي زڪوٰة ادا ڪرڻ فرض آهي، جڏهن ته ڪنجوسي ۽ تنگ دلي سان ڪم وٺندي ان کي گڏ ڪري رکڻ ۽ ان جي زڪوٰة ادا نه ڪرڻ آخرت ۾ پڪڙ ۽ عذابِ الٰهي جو سبب آهي، جيئن سيپاري 4 سوره اٰلِ عمران جي آيت نمبر 180 ۾ ارشاد آهي:

www.dawateislami.net

# قارون جي هلاڪت جو سبب

وَ لَا یَحْسَبَنَّ الَّذِیْنَ یَبْخَلُوْنَ بِمَاۤ اٰتٰهُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ هُوَ خَیْرًا لَّهُمْ ؕ بَلْ هُوَ شَرٌّ لَّهُمْ ؕ سَیُطَوَّقُوْنَ مَا بَخِلُوْا بِهٖ یَوْمَ الْقِیٰمَةِ ؕ وَ لِلّٰهِ مِیْرَاثُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِیْرٌ ﴿۱۸۰﴾ (پ۴،اٰل عمرٰن:۱۸۰)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ جيڪي بخل ڪندا آهن ان شيءِ ۾ جيڪا اللّٰه انهن کي پنهنجي فضل سان ڏني آهي ان کي هرگز سٺو نہ سمجهن بلڪ اهو انهن لاءِ بڇڙو آهي جنهن ۾ بخل ڪيائين سگهو ئي اهو قيامت جي ڏينهن انهن جي ڳچيءَ جو ڳٽ هوندو، آسمانن ۽ زمين جو وارث اللّٰه ئي آهي ۽ اللّٰه کي اوهان جي ڪمن جي خبر آهي.

سيپاري 10 سُوْرَۃ التَّوْبہ جي آيت نمبر 35،34 ۾ ا رشاد آهي:

وَ الَّذِیْنَ یَكْنِزُوْنَ الذَّهَبَ وَ الْفِضَّةَ وَ لَا یُنْفِقُوْنَهَا فِیْ سَبِیْلِ اللّٰهِ ۙ فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ اَلِیْمٍ ﴿۳۴﴾ یَّوْمَ یُحْمٰى عَلَیْهَا فِیْ نَارِ جَهَنَّمَ فَتُكْوٰى بِهَا جِبَاهُهُمْ وَ جُنُوْبُهُمْ وَ ظُهُوْرُهُمْ ؕ هٰذَا مَا كَنَزْتُمْ لِاَنْفُسِكُمْ فَذُوْقُوْا مَا كُنْتُمْ تَكْنِزُوْنَ ﴿۳۵﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ جيڪي گڏ ڪري رکن ٿا سون چاندي ۽ ان کي اللّٰه جي راهہ ۾ خرچ نہ ٿا ڪن انهن کي خوشخبري ٻُڌاءِ درد ناڪ عذاب جي، جنهن ڏينهن اُهو تپايو ويندو جهنم جِي باهہ ۾ پوءِ اُن سان داغ ڏنا ويندا سندن پيشانيُن ۽ پاسن ۽ پُٺين کي هِيءَ آهي اُهو جو توهان پنهنجي لاءِ گڏ ڪري رکيو هو، هاڻي چکو مزو اُنهيءَ گڏ ڪرڻ جو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان تہ جيڪي ماڻهو پنهنجو مال جمع رکن ٿا ۽ ان جي زڪوٰة ادا نٿا ڪن تہ اهي سڀاڻي قيامت جي ڏينهن ڪيتري قدر ذِلّت وخواري ۽ دردناڪ عذاب ۾ گرفتار ٿيندا. ياد رکو! جهڙي طرح زڪوٰة ادا ڪرڻ اِنسان جي پنهنجي ذات جي لاءِ مُفيد آهي، اهڙي طرح ڪنجوسي سان ڪم وٺڻ بہ پنهنجي ئي ذات جي لاءِ نقصان جو سبب آهي. جيڪي ماڻهو

www.dawateislami.net

## قارون جي هلاڪت جو سبب

پنهنجي مال جي زڪوٰة ادا ڪن ٿا ۽ دل کولي صَدَقو ۽ خَيرات ڪن ٿا ته ان باوُجُود انهن جي مال ۾ حيرت انگيز طور تي ڏينهون ڏينهن تمام گهڻي ترقّي ۽ برڪت ايندي رهندي آهي جڏهن ته ڪنجُوس جو حال هي هوندو آهي ته گهڻي مال ۽ دولت جي باوُجُود حرص ۽ لالچ جي سبب ان کي پنهنجو مال گهٽ لڳندو آهي جنهن جي ڪري هو صَدَقاتِ واجِبہ ۽ نافِلہ جي ادائيگي ڪرڻ، نيڪي جي ڪمن ۾ خَرچ ڪرڻ ۽ مَخلوقِ خدا جي مدد ڪرڻ کان سڄي زندگي ڪيٻائيندو رهندو آهي ته متان منهنجي مال ۾ گهٽتائي نه ٿي وڃي. نيٺ هڪ ڏينهن مَوت جو فرشتو ان وٽ ايندو آهي ۽ ان جي مَوت کان پوءِ ان جو سمورو مال ان جي وارثن وٽ هليو ويندو آهي. اچو هن باري ۾ هڪ عِبرتناڪ حِڪايت پڙهون ٿا،

### ڪنجوسي جو انجام

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 412 صفحن تي مشتمل ڪتاب **عُيونُ الحڪايات** حصو پهريون صفحي 74 تي آهي: حضرت سيِّدنا يزيد بن ميسره رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا ته اسان کان پهرين امتن ۾ هڪ شخص هو، جنهن تمام گهڻو مال ۽ دولت جمع ڪري رکيو هو ۽ ان جو اولاد به گهڻو هو، قِسم قِسم جون نعمتون ان کي حاصل هيون، گهڻي مال هئڻ جي باوجود به هو انتهائي ڪنجوس هو، الله تعاليٰ جي راهه ۾ ڪجهه به خرچ نه ڪندو هو، هر وقت انهيءَ ڪوشش ۾ رهندو هو ته ڪهڙي نموني منهنجي دولت ۾ اِضافو ٿي وڃي. جڏهن هو تمام گهڻو مال گڏ ڪري چڪو ته پنهنجو پاڻ کي چيائين: هاڻي ته آئون خوب عيش ۽ عشرت سان زندگي گذاريندس، بهرحال هو پنهنجي گهروارن سان تمام عيش ۽ عشرت سان رهڻ لڳو، ڪيترائي خُدّام (نوڪر چاڪر) ان جي خدمت ۾ هٿ ٻڌي حاضر رهندا

www.dawateislami.net

## قارون جي هلاڪت جو سبب

هئا، آخرڪار! هو ان دنياوي نعمتن ۾ ايترو تہ مست ٿي ويو جو پنهنجي موت کي بلڪل وساري ڇڏيائين. هڪ ڏينهن مَلَڪُ الْمَوت حضرت سَيِّدُنا عِزرائيل عَلَيْهِ السَّلَام هڪ فقير جي صورت ۾ ان جي گهر آيا ۽ دروازي تي دستڪ ڏنائون، غلام يڪدم دروازي جي طرف وڌيا ۽ جيئن ئي دروازو کوليائون تہ سامهون هڪ فقير (Beggar) ڏٺائون، ان کان پڇيو: تون هتي ڇا جي لاءِ آيو آهين؟ مَلَڪُ الْمَوت عَلَيْهِ السَّلَام جن جواب ڏنو: وڃو، پنهنجي مالڪ کي ٻاهر موڪليو، مونکي ان سان ڪم آهي. خادمن ڪوڙ ڳالهائيندي چيو: اهي تہ توهان جهڙي ئي ڪنهن فقير جي مدد جي لاءِ ٻاهر ويا آهن. حضرت سَيِّدُنا مَلَڪُ الْمَوت عَلَيْهِ السَّلَام جن ڪجهہ دير کان پوءِ ٻيهر دروازي تي دستڪ ڏنائون، غلام ٻاهر آيو تہ ان کي چيائون: وڃ! پنهنجي آقا کي چئو: آئون مَلَڪُ الْمَوت عَلَيْهِ السَّلَام آهيان. جڏهن هن مالدار شخص هي ڳالهہ ٻڌي تہ تمام خوفزده ٿي ويو ۽ پنهنجي غلامن کي چيائين: هن سان وڏي نرمي سان ڳالهايو. خادم ٻاهر آيا ۽ حضرت سَيِّدُنا مَلَڪُ الْمَوت عَلَيْهِ السَّلَام کي چوڻ لڳا: توهان اسان جي آقا جي بدلي ڪنهن ٻي جو روح قبض ڪري وٺو ۽ انهن کي ڇڏي ڏيو، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان کي برڪتون عطا فرمائي. حضرت سَيِّدُنا مَلَڪُ الْمَوت عَلَيْهِ السَّلَام جن فرمايو: ائين هرگز نٿو ٿي سگهي. پوءِ مَلَڪُ الْمَوت عَلَيْهِ السَّلَام اندر تشريف ڪٺي ويا ۽ هن مالدار شخص کي چيائون: توکي جيڪا وصيّت ڪرڻي هجي ڪري وٺ، آئون تنهنجي روح قبض ڪرڻ کان بغير هتان نہ ويندس.

اهو ٻڌي تمام گهروارا رڙيون ڪرڻ لڳا ۽ روئڻ شروع ڪري ڇڏيائون، هن شخص پنهنجي گهر وارن ۽ غلامن کي چيو: سَون ۽ چانديءَ سان ڀريل صندوق ۽ پيٽيون کولي ڇڏيو ۽ منهنجي سموري دولت منهنجي سامهون آڻيو، يڪدم حڪم کي پورو ڪيو ويو ۽ سڄو خزانو ان جي اڳيان رکيو

## قارون جي هلاڪت جو سبب

ويو. اهو شخص سون ۽ چانديءَ جي ڍير وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو: اي ذليل ۽ بدترين مال! تو تي لعنت هجي توئي مون کي پروردگار عَزَّ وَجَلَّ جي ذڪر کان غافل رکيو، توئي مون کي آخرت جي تياري کان روڪي رکيو. هي ٻڌي اهو مال ان کي چوڻ لڳو: تون مون کي بُرو ڀلو نہ چئو، ڇا تون اهو ئي نہ آهين جيڪو دنيا وارن جي نظر ۾ حقير هئين؟ منهنجي ڪري تنهنجي عزت وڌي، منهنجي ئي ڪري تنهنجي پهچ بادشاهن جي دربار تائين ٿي، نہ تہ غريب ۽ نيڪ ماڻهو انهن تائين پهچي ئي نٿا سگهن، منهنجي ئي ڪري تنهنجو نڪاح شهزادين ۽ امير زادين سان ٿيو، نہ تہ غريب ماڻهو انهن سان ڪٿي شادي ڪري سگهن ٿا. هاڻي اها تہ تنهنجي بدبختي آهي جو تو مون کي شيطاني ڪمن ۾ خرچ ڪيو، جيڪڏهن تون مون کي الله عَزَّ وَجَلَّ جي ڪمن ۾ خرچ ڪرين ها تہ هي ذلت ۽ خواري تنهنجو مقدر نہ بڻجي ها، ڇا مون توکي چيو هو تہ تون مونکي نيڪ ڪمن ۾ خرچ نہ ڪر؟ اڄ جي ڏينهن آئون نہ بلڪ تون وڌيڪ مَلَامَتَ ۽ لعنت جو مُسۡتَحِق آهين.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! يقينًا هي زندگي جتي هڪ بهترين نعمت آهي، اُتي الله عَزَّوَجَلَّ جي طرف کان اسان جي لاءِ نيڪيون ڪمائڻ ۽ آخرت ناهڻ جي زبردست مهلت بہ آهي، ان لاءِ جيترا اسان جا ڏينهن باقي بچيا آهن ان کي غنيمت سمجهندي جنهن جي ذِمّي جيتري زڪوٰة بڻجي ٿي پر مال ۽ دولت سان اجائي محبت يا رڳو سُستي يا دِين کان دُوري جي ڪري لاعلمي ۽ جهالت جي ڪري اجا تائين ادا ناهي ڪئي، پهريان تہ ان سبب هڪدم الله عَزَّ وَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ سچي دل سان توبہ ۽ پوءِ عُلماءِ اهلِ سنت سان رجوع ڪري ان جو

## قارون جي هلاڪت جو سبب

حساب لڳائي ۽ تمام زڪوٰة ادا ڪري. حقيقت هي آهي ته اسان جي نازڪ ۽ ڪمزور جسمن ۾ آخرت جو دردناڪ عذاب سهڻ جي هرگز طاقت نه آهي.

مجھے مال و دولت کی آفت نے گھیرا
بچا یا الٰہی بچا یا الٰہی
نہ دے جاہ و حشمت نہ دولت کی کثرت
گدائے مدینہ بنا یا الٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو! زڪوٰة ڇا کي چيو ويندو آهي ان جي وصف ٻڌون ٿا.

## زڪوٰة مان ڇا مراد آهي؟ Definition of zakat

زڪوٰة شريعت جي طرفان مقرر ڪيل ان مال کي چون ٿا، جنهن مان هر طرح کان پنهنجو نفعو ختم ڪرڻ کان پوءِ رضاءِ اِلٰهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ڪنهن اهڙي مسلمان فقير جي ملڪيت ۾ ڏنو وڃي (يعني مالڪ بڻايو وڃي) جيڪو نه ته پاڻ هاشمي هجي ۽ نه ئي ڪنهن هاشمي جو آزاد ڪيل غلام هجي.
(الدرالمختار،کتاب الزکوٰۃ، ج٣، ص٢٠٦،٢٠٤ ملخصاً)

## زڪوٰة کي زڪوٰة چوڻ جو سبب

**زڪوٰة جي لُغوي معنيٰ طهارت، اضافو ۽ برڪت آهي.** جيئن ته زڪوٰة باقي مال جي لاءِ طهارت ۽ اضافي جو سبب بڻجندي آهي، ان ڪري ان کي زڪوٰة چيو ويندو آهي. (الدرالمختارو ردالمحتار،کتاب الزکوٰۃ،ج٣، ص٢٠٣ملخصاً، فيضانِ زڪوٰة )

www.dawateislami.net

## قارون جي هلاڪت جو سبب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اللّٰه عَزَّوَجَلَّ مالدارن تي زڪوٰة فرض ڪئي ته جيئن اهي پنهنجي زڪوٰة جي ذريعي مُعَاشري جي ڪمزور ۽ نادار طبقي جي مدد ڪن ۽ دولت ڪجهه ماڻهن جي مُٺين ۾ قيد ٿيڻ جي بدران غريب ماڻهن تائين به پهچندي رهي ۽ اهڙي طرح مُعَاشري ۾ معاشي توازُن جي فَضا قائم رهي. جيڪڏهن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ چاهي ها ته سيني کي دولت مند بڻائي ڇڏي ها ۽ ڪو شخص غريب نه هجي ها، پر ان پنهنجي مَشِيت سان ڪنهن کي اَمِير بڻايو ته ڪنهن کي غريب ته جيئن اَمِير کي ان جي دولت ۽ غريب کي ان جي غُربت (Poverty) جي ڪري آزمائي، ڇاڪاڻ ته هي دُنيا دارُالامتحان (يعني آزمائش جو گهر) آهي. اسان کي هر حڪمِ خداوندي کي پنهنجي لاءِ سَعَادَت سمجهندي خوش دِلي سان لبيڪ چوڻ گهرجي ۽ پنهنجي آخرت جي لاءِ اَجرو ثَوَاب جو ذَخِيرَو گڏ ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪو شرعي حڪم تي عمل ڪڻ ۾ سُستي ڪري ۽ پنهنجي مال جي زڪوٰة ادا نه ڪري ته ان کي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪيئي نُقصانن کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو. اچو! **زڪوٰة نه ڏيڻ جا ڪجهه نُقصان** ٻڌون ٿا:

### زڪوٰة نه ڏيڻ جا نقصان

◈زڪوٰة جي ادائيگي نه ڪرڻ واري کي **اهي فائدا نه ملي سگهندا جيڪي** ان کي زڪوٰة جي ادائيگي جي صورت ۾ ملي سگهندا هئا.

### بخل کان ڇوٽڪارو ناهي ملندو

◈ زڪوٰة نه ڏيڻ واري شخص کي مال جي مَحَبَّت ۽ ڪنجوسي جهڙي بُري صفت کان **ڪڏهن ڇوٽڪارو ناهي ملندو**. ياد رکو! جنهن مال جي لاءِ اڄ اسان طرح طرح جون تڪليفون ۽ ڏک برداشت ڪريون ٿا ۽ ان کي حفاظت سان رکون ٿا، جيڪڏهن زڪوٰة جي صورت ۾ اسان ان جو حق ادا نه ڪيو ته

# قارون جي هلاڪت جو سبب

اهو ئي مال اسان جي لاءِ وبالِ جان بڻجي ويندو ۽ اسان کي دنيا ۽ آخرت جي عذاب کان نہ بچائيندو. ڪنجوسي اهڙي بُري عادت آهي جو ان جي ڪري ٻانهو مرڻ پسند ڪندو آهي پر مال جي لالچ ناهي ڇڏيندو. اچو! هن باري ۾ هڪ عبرت ناڪ حڪايت ٻڌون ٿا.

## بخل جو انجام

منقول آهي تہ بصره ۾ هڪ ڪنجوس مال دار هو، هڪ ڀيري ان جي پاڙيسري ان جي دعوت ڪئي ۽ ان جي اڳيان بيضن سان گڏ ڀُڃيل گوشت رکيو ويو، ان مال دار بخيل شخص تمام گهڻو گوشت کائي ورتو ۽ مٿان وري پاڻي پيئي ورتو، پوءِ ان جو پيٽ سُڄي ويو ۽ هو سخت تڪليف ۾ مبتلا ٿي ويو ۽ موت ان کي سامهون نظر پئي آيو ايستائين جو هو تڪليف جي ڪري بي تاب ٿيڻ لڳو ۽ جڏهن معاملو گهڻو بگڙجي ويو تہ طبيب کي گهرايو ويو ان چيائين: گهبرائڻ جي ڪا ڳالهہ ناهي جيڪو ڪجهہ کاڌو آهي الٽي ڪري ٻاهر ڪڍي ڇڏ، هي ٻڌي ان مال دار بخيل شخص چيائين! هاءِ افسوس بيضن سان کاڌل ان عمده ڀُڃيل گوشت کي ڪيئن مان الٽي ڪري ڪڍان؟ مون کي موت قبول آهي، پر مان الٽي نہ ڪندس. (احياءالعلوم ۳/۳۱۶)

دولتِ دُنیا کے پیچھے تُو نہ جا | آخرت میں مال کا ہے کام کیا

مالِ دُنیا دو جہاں میں ہے وبال | کام آئے گا نہ پیشِ ذُوالْجَلال

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! | صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان معلوم ٿيو تہ بخيل انسان مال جي لالچ جي ڪري پنهنجي جان جي بہ پروا ناهي ڪندو. تنهنڪري اسان کي

www.dawateislami.net

# قارون جي هلاڪت جو سبب

پنهنجي دنيا ۽ آخرت بهتر بنائڻ جي لاءِ احڪامِ خُداوندي جي بجا آوري ڪرڻ گهرجي ۽ ڪنجوسي جي عادت ختم ڪرڻ جي لاءِ هر سال مستحق مسلمانن کي نه صرف زڪوٰة ڏيڻ گهرجي بلڪ سڄي سال ۾ به سخاوت ڪندي انهن جي مالي مدد ڪرڻ گهرجي.

رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: سخاوت الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان آهي، سخاوت ڪريو الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي وڌيڪ عطا ڪندو ٻڌو! الله عَزَّوَجَلَّ سخاوت کي پيدا فرمائي هڪ مرد جي صورت عطا فرمائي ۽ ان جي پاڙ کي طُوبيٰ (جنّتي) وڻ جي پاڙ ۾ راسخ ڪري ڇڏيو ۽ تارين کي سِدرَة المُنتَهيٰ جي تارين سان مضبوط ڪري ڇڏيو ۽ ان جي ڪجهه شاخن کي دنيا ڏانهن جُهڪائي ڇڏيو ته جيڪو شخص ان جي هڪ ئي تاري پڪڙي ونئي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي جنت ۾ داخل فرمائيندو آهي، ٻُڌو! بيشڪ سخاوت ايمان ئي مان آهي ۽ ايمان جنت ۾ آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ بُخل کي پنهنجي غضب مان پيدا فرمايو ۽ ان جي پاڙ کي شجرِ زَقّوم (جهنم جي ڪنڊيدار وڻ) جي پاڙ ۾ مضبوط ڪيو آهي، ان جون ڪجهه شاخون زمين ڏانهن جهڪيل آهن، ته جيڪو شخص ان جي ڪنهن به تاري کي پڪڙيندو آهي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي جهنم ۾ داخل ڪندو آهي ٻڌو! بخل ناشڪري آهي ۽ ناشڪري جهنم ۾ داخلي جو سبب آهي. (ضيائے صدقات ص ۱۰۷) الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي بُخل کان نجات ڏئي سخاوت جي نعمت عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

عطا ہو الٰہی سخاوت کا جذبہ
کنجوسی کروں نہ کبھی یا الٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

# قارون جي هلاڪت جو سبب

## مال برباد ٿي ويندو آهي

◈ جنهن مال جي زڪوٰة ادا نہ ڪئي وجي، اهو مال برباد ٿي ويندو آهي. اڄ اسان مُعاشري ۾ نظر ڦيرايون تہ شايد وڏا وڏا ڪاروباري، وڏين وڏين فيڪٽرين جي مالڪان جي باري ۾ پڌا هوندو تہ اهي اوچتو ڏيواليہ جو شڪار ٿي قرض جي بوجھ هيٺ دٻجي چڪا آهن، هي اهي آهن جيڪي ڪل تائين تہ وڏي **عيش و عشرت** سان غفلت جي گهري ننڊ ۾ سمهي پنهنجي زِندگي گذاري رهيا هئا، جنهن وٽ سوين **ملازم** ڪم ڪندا هئا، ڪم ڪار جي لاءِ **نوڪر چاڪر گهڻا** هئا، پر اڄ چا آهي جو اهو سڀ ڪجھ لُٽجي چڪو آهي، ڪٿي ائين تہ ناهي جو اهي پاڻ انهن جي هٿن جو ڪمايل هجي جو ان ڪاروبار ۾ وياج (Interest) جو پيسو شامل هجي، يا پوءِ اهي ماڻهو هر سال پنهنجي **مال جي زڪوٰة** ئي نہ ڏيندا هجن ۽ دنيا ۾ هي ان جي سزا ملي رهي هجي، پر **ياد رکو**! جيڪڏهن اسان ڪنهن اهڙي شخص کي سڃاڻون ٿا، جيڪو اڳ ۾ وڏو مالدار هو پر هاڻي غريب ۽ نادار آهي ۽ اسان کي وسوسو اچي تہ ان شخص کي هي جيڪا سزا ملي رهي آهي، هي انهيءَ جو نتيجو آهي جو هي الله عَزَّ وَجَلَّ جي راهہ ۾ مال خرچ نہ ڪندو هو، هي زڪوٰة نہ ڏيندو هو، هي غريبن جي مدد ڪرڻ بدران انهن کي ڌڪا ڏيندو هو، ان جي ڪري هي ان آزمائش ۾ مبتلا آهي. ڪنهن بہ مسلمان جي باري ۾ اهڙي طرح جي سوچ رکڻ جي اسان جي شريعت اسان کي اجازت نٿي ڏئي. اسان کي خبر ناهي تہ چا معاملو آهي؟الله تبارڪ وتعاليٰ اسان کي **حُسنِ ظن** جي لازوال دولت سان مالا مال فرمائي. اٰمين

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## قارون جي هلاڪت جو سبب

**حديث پاڪ** ۾ آهي: خشڪي ۽ پاڻي ۾ جيڪو مال ضائع ٿيو آهي اهو زڪوٰة نہ ڏيڻ جي ڪري ضايع ٿيو آهي. (مجمع الزوائد،ڪتاب الزڪوٰة، باب فرض الزڪوٰة، الحديث ۴۳۳۵، ج ۳، ص ۲۰۰) هڪ هنڌ تي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشادِ پاڪ آهي: زڪوٰة جو مال جنهن ۾ مليو هوندو ان کي تباھ ۽ برباد ڪندو. (شعب الايمان،باب في الزڪوٰة، الحديث ۳۵۲۲، ۳/ ۲۷۳)

**مُفتي احمد يارخان** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰي عَلَيه فرمائن ٿا: مال ۾ زڪوٰة مخلوط (Mix) ٿيڻ جون ٻہ صورتون آهن: هڪ هي تہ صاحبِ نصاب جنهن تي پڻ زڪوٰة فرض هجي، هو فقير بڻجي ماڻهن کان زڪوٰة وٺي ۽ پنهنجي مال ۾ ملائي ڪري وڏائي. ٻيو هي تہ ماڻهو زڪوٰة نہ ڪڍي جيڪو مال زڪوٰة ۾ ڏيڻ گهرجي ها هو پنهنجي مال ئي ۾ رکي. (مال برباد ٿيڻ جي هڪ صورت بيان ڪن ٿا) تہ زڪوٰة جي مخلوط ٿيڻ جي ڪري سڄي مال جي برڪت متجي وڃي ۽ ڪجهہ ڏينهن ۾ مال ختم ٿي وڃي يا ڪا اوچتي آفت اچي، جنهن سان سمورو مال برباد ٿي وڃي، جيئن بيماري، مقدمو، چوري، ڌاڙو يا حرق و غرق يعني سَڙڻ، ٻُڏڻ. (مرآة المناجيح ۳/۲۳)

## زڪوٰة نہ ڏيڻ سان اجتماعي نقصان ٿئي ٿو

◈ زڪوٰة نہ ڏيڻ وارن کي **اجتماعي نقصان** تي سگهي ٿو، اڄ اسان غور ڪريون تہ اجتماعي طور تي ڪيئي مسئلن جو شڪار آهيون، مهانگائي آهي تہ ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وڃي، بي روزگاري عام ٿي چڪي آهي، گرمي جي شدّت بہ عروج تي آهي، پاڻي جي قلّت جي سبب سخت پريشاني آهي، اسان جنهن مسئلن جو شڪار آهيون ممڪن آهي تہ ان جو هڪ سبب مسلمانن جو زڪوٰة ادانہ ڪرڻ بہ هجي جيئن تہ

نبي ڪريم، رؤف و رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪا قوم

www.dawateislami.net

## قارون جي هلاڪت جو سبب

زڪوٰة نہ ڏيندي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي ڏڪار ۾ مبتلا فرمائيندو. (المعجم الاوسط، الحديث ۴۵۷۷، ج ۳، ص ۲۷۵) هڪ ٻي هنڌ تي فرمايائون: " جڏهن ماڻهو زڪوٰة جي ادائيگي ڇڏي ڏيندا آهن تہ الله عَزَّوَجَلَّ برسات کي روڪي ڇڏيندو آهي جيڪڏهن زمين تي چوپايو مال موجود نہ هجي تہ آسمان تان پاڻي جو هڪ قطره بہ نہ ڪري ها.
(سنن ابن ماجه ،ڪتاب الفتن،باب العقوبات، الحديث۴۰۱۹، ج۴، ص۳۶۷)

## مرڻ ڪان پوءِ بہ عذاب ۾ مبتلا ٿيندو آهي

◈ زڪوٰة نہ ڏيڻ واري کي نہ صرف دنيا ۾ مُشڪلاتن ۽ مصيبتن کي برداشت ڪرڻو پوندو بلڪ مرڻ ڪان پوءِ بہ دردناڪ عذاب جي صُورت ۾ ان جي سزا سَهڻي پوندي جيئن تہ سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: "جنهن پنهنجي پويان ڪنز ڇڏيو (ڪنز اهڙي خزاني کي چون ٿا جنهن جي زڪوٰة ادا نہ ڪئي وئي هجي) ان کي قيامت جي ڏينهن هڪ گنجي نانگ ۾ بدليو ويندو، ان جي اکين تي 2 ڪارا نشان هوندا، هو ان شخص جي پنيان ڊوڙندو، هو شخص ڀڄندو، "تون ڪير آهين؟" نانگ چوندو،"مان تنهنجو هو خزانو آهيان جنهن کي تون پنهنجي پويان ڇڏي آيو هئين." پوءِ هو نانگ ان جو پيڇو ڪندو رهندو، ايستائين جو ان جو هٿ چٻاڙي وجهندو، پوءِ ان کي ڏنگيندو ۽ ان جو سڄو جسم چٻاڙي وجهندو.
(المستدرک،ڪتاب الزکاة،باب التغليظ في منع الزکاة،الحديث:۱۴۷۴،ج۲، ص۶، بدون"من أنت"خلقت بدله"ترکته بعدک" )

گر کفن پھاڑ کے سانپوں نے جمایا قبضہ
ہائے بربادی!کہاں جا کے چھپوں گا یا ربّ
ہائے!معمولی سی گرمی بھی سہی جاتی نہیں
گرمیِ حشر میں پھر کیسے سہوں گا یا ربّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

# قارون جي هلاڪت جو سبب

منهنجا آقا، اعلٰي حضرت امامِ اهلسُنّت مولانا شاھ احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن قُرآن وحديث ۾ بيان ڪيل عذابن جو نقشو چٽيندي فرمائن ٿا ته ”خلاصو هي آهي ته جنهن سَون چاندي جي زڪوٰة نه ڏني وجي، قيامت جي ڏينهن جهنّم جي باھ ۾ تپائي ڪري ان سان سندن پيشانين، پاسن ۽ پٺين تي داغ لڳايا ويندا، انهن جي مٿي ۽ ڇاتي تي جهنم جو گرم پٿر رکندا ته ڇاتي ٽوڙي ڪري ڪلهي ڪان نڪري ويندو ۽ ڪلهي جي هڏيءَ تي رکندا ته هڏا ٽوڙيندو سيني ڪان نڪري ايندو، پُٺي ٽوڙي پاسن ڪان نڪري ويندو، ڪياڙي ٽوڙي پيشانيءَ ڪان نڪري ايندو، جنهن مال جي زڪوٰة نه ڏني ويندي قيامت جي ڏينهن پراڻو خونخوار ازدها (وڏو نانگ) بڻجي ڪري ان جي پويان ڊوڙيندو، هي هٿ سان روڪيندو ته هو هٿ چٻاڙي ونندو، پوءِ ڳچيءَ ۾ ڳٽ بڻجي پوندو، ان جو وات پنهنجي وات ۾ وجهي چٻاڙيندو ته مان آهيان تنهنجو مال مان آهيان تنهنجو خزانو، پوءِ ان جو سمورو جسم چٻاڙي ڇڏيندو. والعِياذ بالله ربُّ العٰلمين (فتاوٰي رضويه ،ج١٠ص ١٥٣)

اعلٰي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه زڪوٰة نه ڏيڻ وارن کي قيامت جي عذاب کان ڊيڄاري، سمجهائيندي فرمائن ٿا ته ” اي عزيز! ڇا خدا (عَزَّوَجَلَّ) ۽ رسول (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي فرمان کي ايئن ئي مذاق مسخري سجهين ٿو؟ يا (قيامت جي هڪ ڏينهن) پنجاھ هزار ورهين جي عرصي ۾ هي ساھ سڪائيندڙ مصيبتون سهڻ آسان ڄاڻين ٿو؟ ٿورو هتان جي باھ ۾ هڪ اڌ روپيو (ننڍڙو سڪو) گرم ڪري جسم تي رکي ڏس، پوءِ ڪٿي هيءَ هلڪي گرمي، ڪٿي اها قهر (واري) باھ، ڪٿي هي صرف هڪ روپيو، ڪٿي اهو سڄي عمر جو گڏ ڪيل مال ڪٿي هيءَ هڪڙي منٽ جي دير، ڪٿي اها هزار سال ڏينهن جي آفت، ڪٿي هي معمولي داغ، ڪٿي اهو هڏا ٽوڙي ڪري آرپار ٽيڻ وارو غضب. الله تعالٰي مسلمانن کي هدايت بخشي۔ (اَيضاً ص١٧٥)

www.dawateislami.net

## قارون جي هلاڪت جو سبب

**شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه **اُمّتِ مُسلمہ کي گناهن جي عذابن کان ڊڄائيندي، مال جي بي جا محبت** کان نفرت ڏياريندي **نصيحتن سان مالامال مدني گل** عطا ڪندي اِرشاد فرمائن ٿا:

گر عذابوں کو دیکھو گے جاؤ گے ڈر    تم بتاؤ کہاں جاؤ گے بھاگ کر
جو دُکانیں خِیانت سے چمکائیں گے!    کیا اُنہیں زَر کے اَنبار کام آئیں گے
قہرِ قَہّار سے کیا بچا پائیں گے؟    جی نہیں،نارِدوزخ میں لے جائیں گے
مالِ دنیا ہے دونوں جہاں میں وبال    آئے گا قَبر میں ساتھ ہرگز نہ مال
حشر میں ذرّے ذرّے کا ہوگا سُوال    آپ دولت کی کثرت کا چھوڑیں خیال
غافلو!قبر میں جس گھڑی جاؤ گے    سانپ بچھّو جو دیکھو گے چلاّؤ گے
سر پچھاڑو گے پر کچھ نہ کر پاؤ گے    بے حد اپنے گناہوں پہ پچھتاؤ گے

(وسائلِ بخشش،ص۶۵۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## زڪوٰة ڏيڻ جا فائدا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان ته زڪوٰة نه ڏيڻ وارن کي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪهڙا ڪهڙا نقصان ٿي سگهن ٿا، ان ڪري اسان کي گهرجي ته ڪنهن به شرعي حڪم جي ادائيگي ۾ بلڪل سُستي نه ڪيون بلڪ هي ذهن هجي ته ڪائنات جي خالق ۽ مالڪ عَزَّوَجَلَّ جي هر ڪم ۾ ڪا نه ڪا حڪمت ضرور پوشيده هوندي آهي، هو پنهنجي ٻانهن تي بيحد مهربان آهي، ان جي هر حڪم ۾ اسان جي لاءِ ڀلائي ئي هوندي آهي. تنهنڪري اسان کي به ٻانهپ جو حق ادا ڪندي ان جي هر حڪم تي لبيڪ چئي ان جي بجا آوري ڪرڻ گهرجي، مثال طور الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي نماز پڙهڻ جو حڪم ڏنو آهي ته اسان

www.dawateislami.net

## قارون جي هلاڪت جو سبب

ڪي نماز جو وقت ٿيندي ئي سيئي ڪم ڪار ڇڏي نماز پڙهڻ گهرجي، الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي رَمَضانُ المبارڪ جا روزا رکڻ جو حڪم ڏنو آهي ته اسان کي پابندي سان سڄي رمضانُ المبارڪ جا روزا رکڻ گهرجن، الله رَبُّ العزت اسان کي پنهنجي اهل وعيال (Family) ۽ ٻين مسلمانن جي حقن جو خيال رکڻ جو حڪم ڏنو آهي ته اسان کي ٻانهن جي حقن جو خيال به رکڻو پوندو، الله عَزَّوَجَلَّ والدين سان ڀلائي جو حڪم ارشاد فرمايو آهي ته اسان کي پنهنجي ماءُ پيءُ سان حُسنِ سُلُوڪ سان پيش اچڻ گهرجي. اهڙي طرح الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي مال ۽ دولت عطا فرمائي ۽ ان جي زڪوٰة ادا ڪرڻ جو حڪم ارشاد فرمايو ته اسان کي خوش دِلي سان هر سال پنهنجي مال جي زڪوٰة به ڏيڻ گهرجي.

هتي هڪ **ڳالهه** اها به ذهن نشين ڪريو، عوامي طور تي هي مشهور آهي ته زڪوٰة ته صرف رمضان ۾ ئي ادا ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته هن مبارڪ مهيني ۾ جهڙي طرح ٻين نيڪين جو ثواب وڌي ويندو آهي، اهڙي طرح راهِ خدا ۾ **مال خرچ ڪرڻ جو اجر ۽ ثواب** به وڌي ويندو آهي، هن ۾ ڪو شڪ ناهي، پر **اي عاشقانِ رمضان!** هي ضروري ناهي ته صِرف رمضان جي مهيني ۾ ئي زڪوٰة ڏيڻي پوندي آهي، بلڪ جنهن تي زڪوٰة فرض آهي ان کي معلوم هئڻ گهرجي ته مون تي زڪوٰة فرض هئڻ جي ڪهڙي اسلامي تاريخ ۽ ڪهڙو اسلامي مهينو آهي، جيڪڏهن ان جي باري ۾ علم نه آهي ته ياد رکو! **جنهن تي زڪوٰة فرض آهي**، ان کي زڪوٰة بابت ضروري مسئلا سکڻ پڻ فرض آهن، جيڪڏهن نه سکندو ته گناهگار ٿيندو. ڪتي ائين نه ٿئي جو وڌيڪ ثواب جي اِنتظار ۾ اسان زڪوٰة جي ادائيگي ۾ دير ڪري الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نافرماني ڪري رهيا هجون. اَلحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي قدم قدم تي اسان جي رهنمائي ڪندي آهي، اسان ۾ علمِ دِين سکڻ جو جذبو

## قارون جي هلاڪت جو سبب

هئڻ گهرجي، سچي لگن هئڻ گهرجي، موجوده دَور ۾ علمِ دِين حاصل ڪرڻ جا ڪيئي ذريعا دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت سان نهايت آساني سان مُيسر آهن، هاڻي شايد ڪو عُذر پيش نہ ڪري سگهي تہ مان تہ علمِ دِين کان ان ڪري پري هئس جو مون کي خبر نہ هئي.

الله عَزَّوَجَلَّ جي احڪامن تي عمل ڪرڻ ۽ جن ڪمن کان ان منع ڪيو آهي، انهن کان بچڻ ۽ نيڪين تي استقامت جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو، ان جي برڪت سان دِين و دُنيا جون ڪوڙ برڪتون نصيب ٿينديون. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

### مدرسة المدينہ بالغان

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ هئڻ جي بَرَڪت سان جتي بيا بي شُمار فائدا حاصل ٿيندا آهن، اتي 12 مدني ڪمن ۾ عملي طور تي حِصّو وٺڻ جو ذِهن بہ ٺهجندو آهي، 12 مدني ڪمن مان روزانو جو هڪ مدني ڪم مدرسة المدينہ بالِغان بہ آهي، مدرسة المدينہ بالِغان ۾ ناظره قُرآنِ پاڪ جي مفت تَعلِيم ڏني ويندي آهي. قرآنِ پاڪ سکڻ سيکارڻ جي وڏي فَضِيلت آهي. جيئن

حَضرت سَيدُنا عُثمان رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْه کان روايت آهي تہ شَهنشاه مدينہ، قَرارِ قَلْب وسينہ، صاحبِ مُعطّر پسينہ، باعثِ نُزولِ سڪينہ، فَيضِ گنجينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”خَیْرُکُمْ مَنْ تَعَلَّمَ الْقُرْاٰنَ وَعَلَّمَهٗ يعني توهان ۾ بهترين شَخص اهو آهي، جنهن قُرآن سکيو ۽ ٻين کي سيکاريو.

(صحيح البخاري،ڪتاب فضائل القرآن،باب خيرڪم ...الخ،الحديث۵۰۲۷،ج۳،ص۴۱۰)

www.dawateislami.net

## قارون جي هلاڪت جو سبب

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ قُرآنِ پاڪ سکڻ سيکارڻ جي ضَرورت ۽ اَهميت جي پيشِ نَظر قرآنِ پاڪ جي تَعلِيمات کي عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي تَحت وڏي عمر جي (بالغ) اسلامي ڀائرن جي لاءِ عُمُوماً بعد نمازِ عشاء مُختلف مَسجِدن ۾، مارڪيٽ، بازار، فيڪٽري وغيره ۾ پڙهڻ وارن جي سهولت جو لحاظ رکندي مدرسة المدينہ بالِغان جي تَرڪيب ٿيندي آهي ۽ اسلامي ڀينرن جي لاءِ مُختلف هنڌن ۽ وقتن ۾ هزارين مدرسة المدينہ بالِغات جي بہ ترڪيب ٿيندي آهي، اسلامي ڀائر اسلامي ڀائرن کان ۽اسلامي ڀينرون اسلامي ڀينرن کان پڙهنديون آهن، حُرُوف جي دُرُست اَدائيگي سان قُرآنِ ڪريم سکڻ سان گڏوگڏ مُختلِف دُعائون ياد ڪندا آهن، نماز بابت مَسئلا سکندا ۽ سُنّتن جي مُفت تَعلِيم حاصل ڪندا آهن. اسان کي بہ پنهنجي دُنيا ۽ آخرت جي ڀلائي جي لاءِ مدرسة المدينہ بالِغان ۾ ضَرور شِرڪت ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن اسان دُرست طريقي سان قرآنِ ڪريم پڙهڻ ڄاڻون ٿا تہ رِضاءِ اِلٰهي ۽ ثواب جي لاءِ ٻين کي پڙهائڻ شروع ڪري ڇڏيون ۽ جيڪڏهن پڙهڻ نٿو اچي تہ پڙهڻ لاءِ اچون.

يہی ہے آرزو تعلیم قرآں عام ہو جائے
تِلاوت کرنا میرا کام صبح و شام ہو جائے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مدرسة المدينہ (بالغان) ۾ تعليمِ قرآن حاصل ڪرڻ واري هڪ عاشقِ رسول جي گناهن ڀري زندگي ۾ ايندڙ مدني اِنقلاب جي مدني بهار پڙهو! اي ڪاش! اسان کي بہ تلاوتِ قرآن جو شوق ملي وڃي.

### منهنجي زندگي ۾ بهار اچي وئي

زم زم نگرحيدر آباد (باب الاسلام،سنڌه) جي علائقي آفندي ٽاؤن ۾ مقيم

## قارون جي هلاڪت جو سبب

هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: مان هڪ فيشن پرست نوجوان هئس، دنيا جي موج مستي ۾ گم، پنهنجي آخرت جي انجام کان غافل زندگي جا ڏينهن گذري رهيا هئا تہ منهنجي سُتل قسمت جاڳي پئي، مون کي مدرسة المدينہ (بالغان) جون روحاني فضائون تہ چا ميسر ٿيون، منهنجي تہ خوش بختي جي سفر جو آغاز ٿي ويو. مدرسة المدينہ (بالغان) جي برڪتن منهنجي تاريڪ دل کي خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفي جي چراغ سان روشن ڪري ڇڏيو. ان ۾ مون کي قرآنِ پاڪ جي تعليم سان گڏوگڏ سنّتن تي عمل جو جذبو بہ مليو ۽ هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت بہ نصيب ٿي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدرسة المدينہ (بالغان) ۾ پڙهڻ جي برڪت سان منهنجي زندگي ۾ مدني بهار اچي وئي، فيشن پرستي ۽ موج مستي کان نجات حاصل ٿي وئي ۽ آئون دعوتِ اسلامي جي مهڪي مهڪي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! اسان کي رِضاءِ الٰهي جي خاطر هر سال پنهنجي مال جي زڪوٰة مُستَحِق تائين خوش دِلي سان پهچائڻ گهرجي، جيڪڏهن زڪوٰة جا حقدار اسان جا قريبي رشتيدار(Relatives) هجن تہ انهن کي ڏيڻ وڌيڪ اجر و ثواب جو سبب آهي، ڇاڪاڻ تہ انهن کي ڏيڻ سان ٻيڻو ثواب ملندو آهي، جيئن

نبي ڪريم، رؤفٌ رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: "عام مسڪين تي صدقو ڪرڻ هڪ صدقو آهي ۽ اهو ئي صدقو پنهنجي عزيز تي بہ (2) صدقا آهن هڪ صدقو، ٻيو صِلہ رحمي. (سنن الترمذي،كتاب الزكاة، باب ما جاء في الصدقة علي ذي قرابة، الحديث:۶۵۸، ج۱، ص۴۷۴)

پنهنجن رشتيدارن مان اهڙن غريب ۽ مُستَحِق ماڻهن کي ڳولهيو جيڪي

www.dawateislami.net

## قارون جي هلاڪت جو سبب

پنهنجي خودداري جي ڪري ڪنهن ڪان سوال نہ ڪندا آهن. اهڙن ماڻهن کي نہ صرف سال تي زڪوٰة ڏيڻ گهرجي بلڪ تي سگهي تہ وقتا فوقتاً پنهنجي **ماهوار آمدني مان ڪجهہ نہ ڪجهہ مدد بہ** ڪرڻ گهرجي. ياد رکو! انهن جي مالي مدد ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي واه واه ڪرائڻ جي لاءِ ماڻهن تي ان جي ظاهر نہ ڪيو وڃي بلڪ رِضاءِ الٰهي جي خاطر آخرت ۾ ثواب جي اُميد سان **الله** عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ خرچ ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ سيپارو 3 سُورَه بَقَره آيت نمبر264 ۾ ڪنهن جي صدقو ۽ خيرات ڏئي احسان جتائڻ کان منع فرمايو آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُبْطِلُوْا صَدَقٰتِكُمْ بِالْمَنِّ وَالْاَذٰى ۙ

**ترجموڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ پنهنجا صدقا (خيرات) ضايع نہ ڪريو ٿورو جتائي ۽ تڪليف ڏئي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پنهنجي قريبي رشتيدارن تي احسان جتائڻ بدران رِضاءِ الٰهي جي خاطر زڪوٰة ڏيڻ گهرجي ۽ ممڪن هجي تہ نيڪي جي ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ جي لاءِ ثواب جي نيت سان اوهان جي پنهنجي مسجد ڀريو تحريڪ دعوتِ اسلامي کي بہ ڏيو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي دعوتِ اسلامي جي تحت هلڻ وارا اهي مدارِسُ المدينہ و جامعاتُ المدينہ دِيني فضليت جي لحاظ سان وڏي اهميت جا حامل آهن، اهو ئي سبب آهي جو انهن مدارِسُ المدينہ ۽ جامعاتُ المدينہ کي قائم رکڻ جي لاءِ اِنهن جي مختلف اَخراجات جي مَد ۾ سالانو ڪروڙين روپيا خرچ ڪيا ويندا آهن، جنهن جي لاءِ ڪڏهن مدني چينل جي ذريعي بہ ٽيلي ٿون (يعني مدني عطيات جمع ڪرڻ جي مهم) جي بہ ترڪيب ٿيندي آهي، تنهنڪري اوهان سان بہ عرض آهي تہ علمِ دين جي طالبن جي دُعائن مان حِصّو ماڻڻ، دعوتِ اسلامي جي ترقّي ۽ بقا ۽ مدارِس المدينہ و جامعات المدينہ جي نظام

www.dawateislami.net

## قارون جي هلاڪت جو سبب

ڪي مضبوط ڪان مضبوط تَر بڻائڻ جي لاءِزڪوٰة، فطرات، صَدَقات ۽ خَيرات، نفلي عطيات ۽ عُشر وغيره جي ذريعي نہ صرف پاڻ تعاوُن ڪيو بلڪ پنهنجي عزيزن، پاڙيسرين ۽ دوست اَحباب تي انفرادي ڪوشش ڪري اُنهن ڪي بہ هن جي ترغيب ڏياريو، اسان جي زبان چوڻ ۽ اسان جي اِنفرادي ڪوشش سان جيڪڏهن ڪنهن جو مدني ذهن بڻجي ويو ۽ اُن پنهنجي زڪوٰة، فطرات، صَدَقات ۽ خَيرات، نفلي عطيات يا عُشر وغيره دعوتِ اسلامي ڪي مدني ڪمن جي لاءِ ڏني تہ اها اسان جي لاءِ بہ ثوابِ جاريہ جو ذريعو بڻجي ويندي.اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي هن وقت خدمتِ دين جي ڪم وبيش 103 شعبن ۾ مدني ڪم ڪري رهي آهي، تنهنڪري اوهان نہ رڳو پنهنجي زڪوٰة وصدقات بلڪ بيا مدني عطيات بہ دعوتِ اسلامي ڪي ڏئي دنيا ۽ آخرت جون ڪاميابيون حاصل ڪريو. اچو هڪ نهايت ئي آسان طريقو اوهان جي خدمت ۾ عرض ڪيان ٿو تہ جنهن جي ذريعي غريب ڪان غريب بہ دعوتِ اسلامي جي مدني عطيات ۾ پنهنجو حصو شامل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهي ٿو، اهو آهي، ”مدني عطيات بڪس(Box)“ جي ذريعي مالي تعاون.

### مجلس مَدَني عَطيات بڪس

دعوتِ اسلامي جي شعبي ”**مجلس مدني عطيات بڪس**“ جي طرفان هڪ بڪس جي ترڪيب ڪئي وئي آهي، اهي مدني عطيات بڪس دُڪانن، ڪارخانن، مارڪيٽن، شاپنگ مالز، ميڊيڪل اسٽورز ۽ دفترن وغيره ۾ رکڻ سان گڏوگڏ گهرن ۾ بہ رکيو ويندو آهي، تہ جيئن اسان پنهنجي آساني ڪي ڏسندي روزانو ڪجهہ نہ ڪجهہ رقم ان بڪس ۾ وجهندا وجون ۽ صدقي و

## قارون جي هلاڪت جو سبب

خيرات جو ثواب به ڪمائيندا وجون، جيڪي دُڪاندار آهن اهي سنئين سنئين نيتن سان پنهنجي گراهڪن (Customers) تي اِنفرادي ڪوشش ڪري انهن کي به راهِ خدا ۾ مال خرچ ڪرڻ جي ترغيب ۽ فضائل ٻڌائي انهن کي به پنهنجو حصو شامل ڪرڻ جي ترڪيب ڪيو ته مدينہ مدينہ.

مشورةً عرض آهي ته اسان روزانو هڪ رقم خاص ڪيون مثال طور 5 روپيا ئي سهي، پوءِ ان جي مطابق اسان روزانو پنهنجو حصو وجهندا وجون ۽ مجلس مدني عطيات بڪس جي طئي شده طريقي جي مطابق اهي مدني عطيات جمع به ڪرائي ڇڏيون. جيڪي دُڪانن وغيره تي بڪس رکيا ويندا آهن، هن کي "مدني عطيات بڪس" ۽ جيڪي گهرن ۾ بڪس رکيا ويندا آهن، اُن کي"گهريلو صدقه بڪس" چئبو آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو! هاڻي **زڪوٰة ڏيڻ جون ڪجھ فضيلتون ۽** فائدا ٻڌون ٿا ۽ ان جي ادائيگي جي نيت به ڪريون ٿا،

### رحمتِ الٰهي جي برسات

زڪوٰة ڏيڻ واري جي لاءِ سڀ کان سعادت هي آهي ته ان تي رحمتِ الٰهي جي ڇما ڇم بارش ٿيندي آهي، جيئن ته سيپاري 9، سُوْرَةُالْاَعْرَاف، آيت نمبر 156 ۾ آهي:

وَ رَحْمَتِیْ وَسِعَتْ كُلَّ شَیْءٍؕ فَسَاَكْتُبُهَا لِلَّذِیْنَ یَتَّقُوْنَ وَ یُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَ الَّذِیْنَ هُمْ بِاٰیٰتِنَا یُؤْمِنُوْنَ ﴿۱۵۶﴾ (پ۹، الاعراف:۱۵۶)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ منهنجي رحمت هر شيءِ کان وسيع آهي پوءِ عنقريب مان نعمتون انهن واسطي لکندس، جيڪي ڊڄن ٿا ۽ زڪوٰة ڏين ٿا ۽ اُهي اسان جي آيتن تي ايمان رکن ٿا.

جيڪڏهن ڪنهن عقلمند کان پڇيو وڃي ته سڄي مَخلُوق جون نيڪيون

www.dawateislami.net

## قارون جي هلاڪت جو سبب

تنهنجي اعمال نامي ۾ لکيون وڃن، تون ڪي ھي پسند آھي يا اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ھڪ خاص رَحمت تو تي نازل ٿئي؟ تہ ھو سڄي مخلوق جون نيڪيون ملڻ تي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ھڪ خاص رَحمت حاصل ٿيڻ کي پسند ڪندو. يقيناً ڪيتري قدر خُوش بَخت آھن اھي ماڻھو جيڪي ھر سال زڪوٰة جي ادائيگي ڪري پاڻ کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رَحمت جو حقدار بڻائيندا آھن.

## ڪاميابي جي راھ

زڪوٰة ڏيڻ جي برڪت سان ٻانھو ”فلاح ونَجات ماڻيندڙن“ جي فھرست ۾ شامل ٿي ويندو آھي. جيئن تہ سيپاري 18، سُوْرَةُالْمُؤْمِنُوْن، آيت نمبر 4 ۾ ارشاد آھي:

وَالَّذِيْنَ هُمْ لِلزَّكٰوةِ فٰعِلُوْنَ ۟ۙ (۴)

(پ۱۸، المؤمنون: ۱۔۴)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ اُھي جيڪي زڪوٰة ادا ڪندڙ آھن.

ھن آيت ۾ ڪاميابي ماڻڻ وارن اَھلِ ايمان جو ھڪ وَصف بيان ڪيو ويو تہ ھو پابندي سان ۽ ھميشہ پنھنجي مالن تي فرض ٿيندڙ زڪوٰة ڏيندا آھن.

## مسلمان جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ

زڪوٰة جي ادائيگي سان ھڪ فائدو ھي حاصل ٿيندو آھي تہ غريبن جي ضرورت پوري ٿيندي ۽ انھن جي دل ۾ خوشي داخل ٿيندي آھي. ياد رھي تہ مسلمان جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ بہ وڏو ثواب آھي. ٻنھي جھانن جي تاجوَر، سُلطانِ بحروبر صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ويجھو فرائض جي ادائيگي کان پوءِ سڀ کان افضل عمل مسلمان جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ آھي. (معجم کبير ، ۱۱/ ۵۹،حديث: ۱۱۰۷۹)

ھڪ روايت ۾ آھي تہ سڀ کان افضل عمل مؤمن جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ آھي، چاھي ان جي ستر پوشي ڪري (عيب ڍڪي) ٿئي يا ان جو پيٽ

www.dawateislami.net

پرڻ سان ٿئي يا ان جي حاجت پوري ڪرڻ جي ذريعي ٿئي. (التر غيب والترهيب ،ڪتاب اللبا س والزينة، با ب الترغيب في الصدقة علي الفقير، رقم ٣ ، ج ٣، ص٨٤ )

## مَضبُوط ڀائيچارو (ڀائپي)

زڪوٰة ڏيڻ جو هڪ فائدو هي بہ ٿيندو آهي تہ مُسَلمانن جي وچ ۾ مضبوط ڀائي چارو قائم رهندو آهي جنهن سان اسلامي مُعَاشري کي فروغ ملندو آهي. عربي چوڻي آهي ”اَلْاِ تِّحَادُقُوَّةٌ عَظِيمَة “يعني **اتحاد** (Unity) **عظيم قوت** آهي. هي هڪ حقيقت آهي تہ جيڪڏهن اسان پاڻ ۾ متحد ۽ پيار مَحَبَّت سان رهون تہ وڏي کان وڏي چيلنج (Challenge) کي منهن ڏئي سگهون ٿا جڏهن تہ هڪ ٻئي کان منهن موڙڻ سان ۽ محبتن جا چراغ وسائڻ سان ننڍڙي آزمائش جو بہ مقابلو نٿا ڪري سگهون. ان کي ائين سمجهو تہ ٿلها رسّا جيڪي نرم ۽ نازڪ ڌاڳن جي اتحاد سان ٺهندا آهن، جڏهن تہ هڪ ڌاڳو جنهن جي ڪمزوري جي ڪيفيت اها هوندي آهي جو ننڍڙو ٻار بہ ان کي آساني سان ٽوڙي سگهي ٿو، پر جڏهن ڪيئي ڪمزور ڌاڳا پاڻ ۾ ڳنڍجي هڪ مضبوط رسّي جي صورت اختيار ڪندا آهن تہ وڏن وڏن بحري جهازن(Ships) کي پاڻي جي شديد زور ۾ بہ روڪي رکن ٿا. مسلمانن کي بہ پاڻ ۾ اهڙي طرح شفقت ۽ محبت سان گڏجي رهڻ گهرجي. نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: تمام مُسلمان هڪ عمارت جيان آهن، جنهن جو هڪ حصّو ٻئي کي طاقت پهچائيندو آهي. (بخاري، ڪتاب المظالم والغصب، باب نصر المظلوم، ١٢٧/٢ ، حديث:٢٤٤٦)

هڪ ٻي روايت ۾ آهي تہ مسلمان جي پاڻ ۾ دشمني ۽ رحمت ۽ شفقت جي مثال جسم وانگر آهي، جڏهن جسم جو ڪو عضوو بيمار ٿيندو آهي تہ بُخار ۽ بي آرامي ۾ سڄو جسم ان سان شريڪ هوندو آهي. (صحيح مسلم ،ڪتاب البر والصلةوالآداب،باب تراحم المؤمنين ..الخ، الحديث٢٥٨٦،ص١٣٩٦)

## مال پاڪ ٿي ويندو آهي

زڪوٰة ڏيڻ واري جو هڪ فائدو هي حاصل ٿيندو آهي جو ان جو مال پاڪ ٿي ويندو آهي، جيئن تہ حضرت سَيِّدُنا اَنَس بن مالڪ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي تہ شَهنشَاهِ مدينہ ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: پنهنجي مال جي زڪوٰة ڪڍو جو اها مال کي پاڪ ڪرڻ واري آهي، توکي پاڪ ڪري ڇڏيندي. (مسندامام احمد،مسند انس بن مالک ، حدیث: ۱۲۳۹۷، ج۴، ص ۲۷۴)

## ڪتاب"ضياءِ صَدَقات"۽ فيضان زڪوٰة جو تعارُف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو تہ جيڪي ماڻهو هر سال پنهنجي مال جي زڪوٰة ڪڍندا آهن، انهن کي ان جون تمام گهڻيون برڪتون نصيب ٿينديون آهن ۽ ان جي ابتڙ جيڪي ماڻهو پنهنجي مال جي زڪوٰة نٿا ڏين يا زڪوٰة تہ ڪڍندا آهن پر پوري ادائيگي نٿا ڪن تہ ان جو هي نُقصان ٿيندو آهي تہ اهي نہ رڳو دنيا ۾ تباهہ و برباد ٿيندا آهن بلڪ غضبِ جبار ۾ گرفتار ٿي عذابِ نار جا حقدار ٿيندا آهن. تنهنڪري هر سال پنهنجي مال جي زڪوٰة پوري ڏيڻ گهرجي تہ ان سان حڪمِ الٰهي جي بجاآوري، غريبن ۽ حاجت مندن جي دستگيري ٿيندي. صدقي ۽ زڪوٰة جي باري ۾ مزيد معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جا شايع ٿيل 2 ڪتاب "ضياءِ صدقات ۽ فيضانِ زڪوٰة" جو مطالعو بيحد مُفيد آهي، هن ڪتابن ۾ زڪوٰة سان گڏوگڏ صدقي جا بي شمار فضائل بہ بيان ڪيا ويا آهن هر باب۾ صدقي جي باري ۾ مختلف موضوعن تي تفصيل موجود آهي مثال طور صَدَقي جي معنيٰ۽ قسم، فرض زڪوٰة جو بَيان، زڪوٰة ڪنهن کي ڏني وڃي،صلہ رحمي(رِشتي دارن سان حُسنِ سُلوڪ) جون فضيلتون، مال گڏ ڪرڻ ڪيئن آهي؟ بُخل جي مَذمَّت وغيره وغيره، هن ڪتابن جو مُطالعو ڪرڻ وارن کي معلومات جو وڏو خزانو هٿ ايندو. اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ

## قارون جي هلاڪت جو سبب

تنهنڪري اڄ ئي هن ڪتاب کي مڪتبۃ المدينہ جي بستي تان هَديو ڏئي طَلَب ڪري انهن جو مُطالعو ڪرڻ جي نيت ڪري وٺو، هنن ڪتابن کي دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

### اعتڪاف جي ترغيب

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ رَمَضانُ الْمُبارَڪ جي آمدآمد آهي ۽ هن مُبارَڪ مهيني جي برڪتن جي ڇا ڳالهہ ڪجي هن مهيني ۾ عبادت ڪرڻ ۽ نيڪين ۾ اِضافو ڪرڻ جا مَوقعا گهڻا وڌي ويندا آهن-ان ڪري هن مهيني ۾ نيڪيون وڌائڻ ۽ پاڻ کي گُناهن کان بَچائڻ ۽ خُوب خُوب علمِ دين حاصل ڪرڻ جو هڪ بهترين ذَريعو سڄي رمضان جي مهيني يا آخري عشري جو اِعْتڪاف بہ آهي ۽ اعتڪاف جي فضيلت جو اندازو هن حديثِ پاڪ مان لڳايو جو اُمّ الْمُؤمِنين حضرتِ سَيِدَتُنا عائِشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ ابد قرار،شفيعِ روزِ شمار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ خوشبودار آهي: مَنِ اعْتَكَفَ اِيمانًا وَّاِحْتِسَابًا غُفِرَلَه مَاتَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِهٖ يعني جنهن شخص ايمان سان ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان اعتِڪاف ڪيو،ان جا اڳوڻا سمورا گناهہ بخشيا ويندا-"

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٿي سگهي تہ هر سال نہ تہ زِندگي ۾ گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو تہ سڄي رَمَضانُ المبارَڪ جو اِعتڪاف ڪرڻ ئي گهرجي-اسان جا

## قارون جي هلاڪت جو سبب

پيارا آقاء مٺا مٺا مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ خصُوصاً رَمَضان شريف ۾ عبادت جو خُوب اهتِمام ڪندا هئا- جيئن تہ رَمَضان جي مهيني ۾ ئي شبِ قدر کي بہ پوشيده رکيو ويو آهي، ان ڪري ان مُبارَڪ رات کي ڳولهڻ جي لاءِ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ ڀيرو سڄي مبارَڪ مهيني جو اعتِڪاف ڪيو- ۽ ائين بہ مسجِد ۾ رهڻ نهايت وڏي سَعادَت آهي ۽ مُعتَڪف جي تہ ڇا ڳالهہ آهي جو رِضاءِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي پاڻ کي سڀني مصروفيتن کان فارِغ ڪري مسجِد ۾ ويهي رهندو آهي- فتاويٰ عالمگيري ۾ آهي: "اعتِڪاف جون خوبيون بلڪل ئي ظاهر آهن، ڇوتہ هن ۾ ٻانهو الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪمّل طور تي پنهنجي پاڻ کي الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ۾ مصروف ڪندو آهي ۽ دُنيا جي ان تمام مصروفيتن کان جدا ٿي ويندو آهي جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ جي قُرب جي راهہ ۾ حائل ٿينديون آهن ۽ مُعتَڪف جو سمورو وقت حَقيقةً يا حُڪماً نَماز ۾ گذرندو آهي. (ڇوتہ نَماز جو انتِظار ڪرڻ بہ نماز جيان ثواب رکي ٿو) ۽ اعتِڪاف جو اَصل مقصد جماعت سان نَماز جو انتِظار ڪرڻ آهي ۽ مُعتَڪف ان (ملائڪن) کان مُشابَهت رکي ٿو جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ جي حڪم جي نافرماني نہ ڪندا آهن ۽ جيڪو انهن کي حُڪم ملندو آهي ان کي ادا ڪندا آهن ۽ انهن سان مُشابَهت رکي ٿو جيڪي ڏينهن رات الله عَزَّوَجَلَّ جي تسبيح (پاڪي) بيان ڪندا رَهندا آهن ۽ ان کان بيزار ناهن ٿيندا.

(فتاوي عالمگيري ج١ ص٢١٢)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ اِعتڪاف دَوران نيڪيون ڪرڻ جا ڪيتري قدر مَوقعا ملندا آهن. اسان کي بہ هر سال نہ سهي ڪم ازڪم هڪ مرتبو تہ هن اداءِ مصطفيٰ کي ادا ڪندي پوري رمضان المبارڪ جي مهيني جو اعتڪاف ڪري ئي وٺڻ گهرجي ۽ ٻين کي ان جي ترغيب ڏيارڻ گهرجي

## قارون جي هلاڪت جو سبب

اِنْ شَــآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي تحت دُنيا ڀر ۾ پوري رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ آخري عشري جي سنّت اعتڪاف جي ترڪيب ٿيندي ، سڀ کان وڏو اعتڪاف عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ۾ ٿيندو آهي ، جنهن ۾ شيخِ طريقت، اميرِاهلسُنَّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه به معتڪف ٿيندا آهن، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اعتڪاف ۾ وُضو، غسل ،نماز، روزي جا ۽ ٻيا شرعي مسئلا سان گڏوگڏ روزانه ٻن مدني مذاڪرن جي ذريعي ڪيل سُوالن جا دِلچسپ ۽ علم وحڪمت سا ڀرپُور جوابن سان معلومات جو وڏو خزانو بہ هٿ ايندو آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانى،١/٥٥،حديث:١٧٥)

سینہ تِری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا  جنّت میں پڑوسی مُجھے تُم اپنا بنانا

صَـلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!  صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

### زلفن ۽ مٿي جي وارن جون سُنتون ۽ آداب

اچو شيخ طريقت ،اميرِ اهلسُنَّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهمُ الۡعَالِيَه جي رسالي ”163 مدني گل“ مان زلفن ۽ مٿي جي وارن جي باري ۾ ڪجھ مدني گل ٻڌون ٿا: خاتَمُ المُرسَلين، رَحمَۃ لِّلعٰلمين صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيه وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا مبارڪ زُلف ڪڏهن اڌ ڪن مبارڪ تائين تہ ❁ ڪڏهن ڪن مبارڪ جي لَو (يعني پاپڙي) ۽ ❁ ڪڏهن ڪڏهن وڌي ويندا هئا تہ مبارڪ ڪُلهن کي جهومندي چمڻ لڳندا هئا.

## قارون جي هلاڪت جو سبب

لهٰذا اسان کي گهرجي تہ موقعو ملڻ تي ٿئي سنتون (الشمائل المحمدية،ص۱۸،۳۵،۳۴) ادا ڪيون يعني ڪڏهن اڌ ڪن، تہ ڪڏهن سڄي ڪن، تہ ڪڏهن ڪلهن تائين زلفَ رکون ❁ ڪجهہ ماڻهو کابي يا ساڄي پاسي سينڌ ڪيندا آهن اهو سنّت جي خلاف آهي بلڪ سنّت هي آهي جو جيڪڏهن مٿي جا وار هجن تہ وچ مان سينڌ ڪڍي وڃي. (بهارِ شريعت،۳ /۵۸۸) ❀ مرد کي اختيار آهي جو مٿي جا وار ڪوڙائي يا وڌائي ۽ سينڌ ڪڍي (رَدُّالْمُحتار،۹/۶۷۲)حضورِ اڪرم ،نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ٻئي طريقا ثابت آهن، جيتوڻيڪ ڪوڙائڻ صرف اِحرام کان ٻاهر ٽيڻ وقت ثابت آهي، ٻين وقتن ۾ ڪوڙائڻ ثابت ناهي. (بهارِ شريعت،۳/۵۸۶) ❁ اڄڪلهہ قينچي يا مشين جي ذريعي وارن کي مخصوص نموني تي ڪٽي وڏا تہ ڪٽي ننڍا ڪري ڇڏبا آهن اهڙا وار رکڻ سنت ناهي فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جا وار هجن اهو انهن جو اِڪرام ڪري. (ابوداؤد،۴/۱۰۳،حديث: ۴۱۶۳) يعني ان کي ڌوئي تيل لڳائي ۽ ڦڻي ڪري ❁ مرد کي ڏاڙهي يا مٿي جي اڇن وارن کي ڳاڙهو يا هيڊو رنگ ڪرڻ مُستَحب آهي ان جي لاءِ ميندي لڳائي سگهجي ٿي

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مکتبة المدينہ** جي شايع ٿيل 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”**سنتيں** اور **آداب**“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.(2)

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(1)

## (4) ڇهلک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی کن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(2)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہٴ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.(3)

---

1...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

3...القول البديع، الباب الاول، ص125

www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَاللّٰهُ تَعَالٰي عَنهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2] … مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فى کيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305

www.dawateislami.net